**Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro**

**Model Paper 2023-2024**

**Time: ......... Minutes** **Grade: IV** **Subject: Sindhi Language** **Total Marks (100)**

| | | |
|---|---|---|
| Name of Student: ____________________ | S/D/O: ____________________ | Gender (Boy/Girl):__________ |
| Medium: ______________ | School Name: ________________________________ | |
| Taluka: | City/ Village | Signature of Invigilator: |

| | | |
|---|---|---|
| **حصو (الف)** | **معروضي سوال (MCQs)** | **مارڪون** 20 |

**هدايت: هيٺ ڏنل عبارت کي غور سان پڙهڻ کان پوءِ ڏنل سوالن جي درست جوابن اڳيان (✓) جو نشان لڳايو.**

توهان ڪيترين ئي ڍنڍن جي باري ۾ پڙهيو ۽ ٻُڌو هوندو. انهن مان هاليجي ڍنڍ به هڪ آهي. هاليجي ڍنڍ ڪراچيءَ کان ستَر ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهي. پاڪستان ۾ درياءَ جو پاڻي ذخيرو ڪرڻ جو سڀ کان وسيع ذريعو آهي. ڪراچيءَ ۾ پاڻي پهچائڻ جو ذريعو به اهائي ڍنڍ آهي. اها ڍنڍ نه صرف پاڻيءَ کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ پر خاص موسم ۾ پکين جي ڪري به سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. ضلعي ٺٽي جي هڪ ڳوٺ گجوءَ کان اها ڏيڍ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي آهي. هزارين جي تعداد ۾ مختلف قسمن جا پکي سائيبيريا مان لڏ پلاڻ ڪري سياري جي جنوري ۽ فيبروري مهينن ۾ هتي اچن ٿا ۽ هن ڍنڍ تي اچي ترسن ٿا. انهن پکين ۾ مختلف قسمن جون مرغابيون ۽ بد ڪون شامل آهن. هيءَ جاءِ انهن ماڻهن لاءِ جنت کان گهٽ نه آهي. جيڪي پکين سان پيار ڪن ٿا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| **01. خاص موسم ۾ پکي هن ڍنڍ تي ٺاهيندا آهن:** | | **02. هن تحرير جو مناسب عنوان آهي:** | |
| (الف) گھر | (ب)عمارت | **(الف) خوبصورت تفريحي جاءِ** | (ب) پکين جي جنت |
| (ج) آکيرو | **(د) ترسڻ جي جاءِ** | (ج) ڍنڍ جو منظر | (د) پکين جي آڏام |
| **03. موسمن جي تبديليءَ جي ڪري پکي:** | | **04. مضمون کي پڙهڻ سان اِها خبر پوي ٿي ته ماڻهو گھڻو ڪري پکين:** | |
| (الف) هڪ جهنگ کان ٻئي جهنگ ڏانهن هليا ويندا آهن | **(ب) هڪ وطن کان ٻئي وطن ڏانهن هليا ويندا آهن** | (الف) کي اهميت ڏيندا آهن | (ب) جو شڪار ڪندا آهن |
| (ج) هڪ وڻ کان ٻئي وڻ تي هليا ويندا آهن | (د) هڪ آکيري کان ٻئي آکيري تي هليا ويندا آهن | **(ج) سان محبت ڪندا آهن** | (د) کي سنڀاليندا آهن |
| **05. هاليجي ڍنڍ واقع آهي:** | | **6. ڍنڍ تي ايندڙ پکي هوندا آهن:** | |
| (الف) ڪراچيءَ جي ويجهو | (ب) ڪراچيءَ کان پري | **(الف) ڪيترن ئي نسلن جا** | (ب) هڪ ئي نسل جا |
| (ج) ٺٽي شهر ۾ | **(د) گجوءَ جي ويجهو** | (ج) ڪيترن ئي رنگ جا | (د) ناياب ۽ قيمتي |
| **07. پکي سائيبيريا کان لڏ پلاڻ ڪندا آهن. ان جو ڪارڻ آهي:** | | **08. اڄڪلهه ڍنڍن تي ايندڙ ماڻهو ماحول ۽ پکين جي لاءِ مسئلا پيدا ڪن ٿا:** | |
| (الف) بيزاري | **(ب) موسم جي سختي** | (الف) گھٽي تعداد ۾ اچي | (ب) پکين جو شڪار ڪري |
| پاڻيءَ جي کُولا | (د) جهنگلي جانورن جو ڊپ | **(ج) گدلاڻ پکيڙي** | (د) پکين کي قيد ڪري |
| **9. هاليجي ڍنڍ مان ڪراچي جي ماڻهن کي سڀ کان وڏو فائدو آهي:** | | **10. عبارت موجب پکي لڏ پلاڻ ڪري اچن ٿا:** | |
| (الف) تفريح جو | **(ب) پاڻيءَ جو** | (الف) اونهاري ۾ | **(ب) سياري ۾** |
| (ج) پکين جو | (د) شڪار جو | (ج) بهار ۾ | (د) سرءُ ۾ |
| **11. هي مضمون آهي:** | | **12. توهان پکي پسند ڪريو ٿا. هن جملي ۾ ضمير آهي:** | |
| (الف) تفريحي | (ب) اصلاحي | **(الف) توهان** | (ب) پسند |
| (ج) اخلاقي | **(د) معلوماتي** | (ج) پکي | (د) ڪريو |
| **13. عائشہ خط لکي ٿي: ڏنل جملي ۾ مفعول آهي:** | | **14. صورتخطي جي لحاظ کان ڪهڙو لفظ درست لکيل نہ آهي:** | |
| (الف) عائشہ | **(ب) خط** | (الف) وسيع | (ب) سياري |
| (ج) لکي | (د) ٿي | **(ج)طرسڻ** | (د) موسم |
| **15. لفظ 'مشهور' جي معنىٰ آهي:** | | **16. هيٺ ڏنل جملن مان ڪهڙو جملو درست ترتيب سان لکيل آهي:** | |
| (الف) بينام | (ب) ناليوار | **(الف) پاڪستان اسان جو وطن آهي** | (ب) اسان پاڪستان جو آهي وطن |
| (ج) گمنام | **(د) ناليوارو** | (ج) پاڪستان اسان وطن آهي جو | (د) جو پاڪستان وطن آهي اسان |

| 17. ساجن ڪار هلائي هئي، ڏنل جملو ڪهڙي زمان کي ظاهر ڪري ٿو: | | 18. ڪهڙي لفظ سان ’بي‘ اڳياڙي لڳائي نئون لفظ ٺهندو: | |
|---|---|---|---|
| (الف) زمان حال | **(ب) زمان ماضي** | (الف) آسودو | (ب) سوڪڙي |
| (ج) زمان مستقبل | (د) زمان حال مدامي | **(ج) سوادي** | (د) سوپارو |
| 19. ’انب مِنو آهي‘ ڏنل جملي ۾ لفظ ’مِنو‘ گرامر جي لحاظ کان آهي: | | 20. واهه واهه تو تہ نوان ڪپڙا پاتا. لفظ واهه واهه کان پوءِ بيهڪ جي نشاني ايندي: | |
| (الف) اسم | (ب) ضمير | (الف) ؟ | (ب) : |
| **(ج) صفت** | (د) ظرف | (ج) . | **(د) !** |

| | | |
|---|---|---|
| حصو (ب) | **مختصر سوال** (CRQs) | **مارڪون** 45 |

**نوٽ: هيٺين مان ڪن بہ نوَن سوالن جا جواب لکو. هر هڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن.**

1. نبي ڪريم صلّي الله عَلَيِّهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصّحابِهٖ وَسَلِّمِ جن کي نبوت جو پيغام ڪنهن پهچايو؟
2. اسان جي ملڪ جي قومي جهنڊي ۾ چنڊ ۽ تارو ڇا جي علامت آهن؟
3. مخدوم نُوحؒ کي صديقي ڇو ٿوسڏيو وڃي؟
4. شاهجهان مسجد ڪٿي آهي ۽ ان ۾ ڪيترا گنبذ آهن؟
5. سچل سرمستؒ ڪٿي ڄائو ۽ سندس اصل نالو ڇا آهي؟
6. پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو فوجي اعزاز ڪهڙو آهي؟
7. ٻارن کي ڪهڙين ڪهڙين بيمارين جا ٽُڪا لڳايا ويندا آهن؟
8. حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنهُ مديني جي گهٽين ۾ رات جو ڇو گهمندا هئا؟
9. سنڌي ٻوليءَ ۾ رابطي جا جديد ذريعا ڪهڙا آهن؟
10. ڪمپيوٽر جي ايجاد ڪڏهن ۽ ڪنهن ڪئي؟
11. قلندر شهبازؒ جو اصل نالو ڇا آهي ۽ سندس درگاهہ ڪٿي آهي؟
12. سنڌي ٻوليءَ ۾ رابطي جا جديد ذريعا ڪهڙا آهن؟

| | | |
|---|---|---|
| حصو (ج) | **تفصيلي سوال** (ERQs) | **مارڪون** 35 |

1. هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ تي مضمون لکو. 15

(الف) ڪرڪيٽ راند　　(ب) ڪمپيوٽر　　(ج) اسانجو اسڪول

1. هيڊ ماسٽر کي ٻن ڏينهن جي موڪل جي درخواست لکو. **يا** 10

اوهان کي اسڪول جي تقريري مقابلي ۾ انعام مليو آهي، پنهنجي والد کي خط لکي ٻڌايو.

2. هيٺ ڏنل ڪنهن بہ هڪ شعر جي سمجهاڻي لکو. 10

I. غريبن اَجهو، اوٽ ۽ آسرو،
وڏي شان وارو، اسان جو نبي صہ.

II. وڌايون جي نہ پيدائش، اسين هاڻي زَمينن جي،
زراعت لئہ اسان وٽ پوءِ نئون سامانُ ڪهڙو ٿيو؟

Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro

Model Paper 2023-2024

Time: ......... Minutes    Grade: V    Subject: Sindhi Language    Total Marks (100)

| | | |
|---|---|---|
| Name of Student: ____________ | S/D/O: ____________ | Gender (Boy/Girl): ________ |
| Medium: ________ | School Name: ____________ | |
| Taluka: | City/ Village | Signature of Invigilator: |

| | | |
|---|---|---|
| **حصو (الف)** | **معروضي سوال (MCQs)** | **مارڪون** 20 |

**هدايت: هيٺ ڏنل عبارت کي غور سان پڙهڻ کان پوءِ ڏنل سوالن جي درست جوابن اڳيان (✓) جو نشان لڳايو.**

جَڏهن هَوا جو رُخُ ، تَپش ۽ دابُ گهٽبو آهي تہ پوءِ هَوا ۽ فِضا ۾ موجود ٻاڦ يَا ٻُخار، تَڏهن لَڳڻ سان پاڻيءَ جي ڦُڙن جي شڪل ۾ مَتجي ويندا آهن. ۽ گهٽجي تَڏ لَڳڻَ سان اُهي ڦُڙا ڳرا تي هيٺ زمين تي ڪِرڻ لَڳندا آهن. اهڙي ٿيندڙ عَمل کي ’بَرساتِ‘ يا ’مِينهُن‘ چئبو آهي. جَنهن کي اسان ’وَسڪارو‘ پڻُ چَوَندا آهيون. مِينهُن وَسڻَ سان، گُلَ ڦُلَ، وَڻَ ٽِڻَ، ڏوپجي اچا، اُجرا ٿي پوندا آهن، پَکِي پَکڻَ، جِيتَ، جهَنگلِي جانوَرَ، چوپايو مال، پالتُو جانور خوش نظر ايندا آهن، چوتہ انهن جي کاڌ خوراڪ جو بندوبست ٿي ويندو آهي. ٻَنيُون، ٻارا، پَلُرَ جي پاڻيءَ سان پُسي ويندا آهن. ڍَنڍُون، ڍورا ڀَرجي ويندا آهن، جنهن ڪَري هرهِڪ پاسي، ساوا سبز نظارا نهي پوندا آهن. ٻَرَ، ٿَرَ ۾ ٻَيابانَ جهڙيون پٽُون بَرساتَ سَبَبَ ساوَڪَ سان سايُون ٿي پَونديون آهن ۽ گامَ گامَ تي گاهَ ڦُٽي پَوندا آهن. مالوَندَن جو مالُ چَري خُوش ٿيندو آهي. ڪِيرَءِ ڏُڌَ سان چاڏِيُون ڀَرجي وِينديُون آهن، ماڻهو سڪيا ستابا ٿي ويندا آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| **01. مَتي لِکيلَ عِبارَتَ مان اَسان کي ڄاڻ مِلي ٿِي:** | | **02. هِن تَحرِير جو مُناسب عُنوانُ ٿِيندو:** | |
| **(الف) برسات** | (ب) بيابان | (الف) گُلَ ۽ ٻُوٽا | **(ب) مينهن جا فائدا** |
| (ج) طوفانُ | (د) گجگوڙ | (ج) پکِي پکڻ | (د) جهنگلي جِيوَت |
| **03. ڏِنل عِبارت ۾ ذڪر ٿِيل آهي:** | | **04. عِبارت موجبُ مينهن جو ماحول لڳندو آهي جڏهن:** | |
| (الف) برساتِ ۽ جانورن جو | (ب) برساتِ ۽ پکين جو | (الف) هوا جو دابُ وَڌندو آهي | (ب) هَوا ٿَڌي ٿي ويندي آهي |
| **(ج) برساتِ، جانورن، پکين ۽ گُلن ٻوٽن جو** | (د) برساتِ، گُلن ۽ ٻوٽن جو | (ج) هَوا تيز لڳندي آهي | **(د) هوا جو دابُ گهَٽجهندو آهي** |
| **05. اسان ’وَسڪارو‘ چَوَندا آهيون:** | | **06. برسات سبب ٻَنيون، ٻارا ’پَلَرَ‘ جي پاڻيءَ سان پُسِي پَوندا آهن.** | |
| **(الف) مِينهن کي** | (ب) چمڪار کي | (الف) کوهہ جي پاڻِي سان | **(ب) مينهَن جي پاڻِي سان** |
| (ج) آبشار کي | (د) ڦُوهاري کي | (ج) دَرياهہ جي پاڻِي سان | (د) نَلڪي جي پاڻِي سان |
| **07. کيرَ ۽ ڏُڌَ سان چاڏِيُون ڀَرجي وينديُون آهن. ٻُڌايو تہ ’چاڏِيُون‘ ڇا جون ٺَهِيَل هُونديُون آهن:** | | **08. ڏِنل عِبارت جو موضوع آهي:** | |
| (الف) ڪاٺَ جون | (ب) لوهہ جون | (الف) تَفرِيحِي | (ب) اِصلاحِي |
| **(ج) مِٽِيءَ جون** | (د) رَبڙ جون | (ج) تَعمِيرِي | **(د) مَعلُوماتي** |
| **9. عبارت ۾ لفظ ’ڳرا‘ آيل آهي، جنهن جي معنىٰ آهي:** | | 10. لغت جي لحاظ کان پهريون لفظ لکبو: | |
| **(الف) وزندار** | (ب) بي وزن | (الف) ڪِنوڻ | **(ب) برسات** |
| (ج) هلڪو | (د) نرم | (ج) ڪڪر | (د) هِير |
| **11. صورتخطيءَ جي لحاظ کان ڪهڙو لفظ درست نہ لکيل آهي:** | | **12. ڏنل جملي ’تون ۽ مان گڏجي راڻي باغ گهمڻ هلنداسين‘ ۾ ’اسم خاص‘ آهي:** | |
| (الف) مزدور | (ب) جانور | (الف) گڏجي | (ب) گهمڻ |
| **(ج) ماهول** | (د) ماڪوڙي | (ج) تون | **(د) راڻي باغ** |

| | | | |
|---|---|---|---|
| **13. ‘ايمانداري انسان کي اعليٰ درجي تي پهچائي ٿي’ ڏنل جملي ۾ ‘اسم ذات’ آهي:** | | **14. ڏنل نشانين مان حرف ندا جي نشاني آهي:** | |
| **(الف) ايمانداري** | (ب) انسان | (الف) ؟ | (ب) ! |
| (ج) اعليٰ | (د) درجي | (ج) ، | (د) ” “ |
| **15. احمد سبق پڙهي ٿو. ڏنل جملي ۾ فاعل آهي:** | | **16. ڏنل جملن مان سادو جملو آهي:** | |
| (الف) سبق | (ب) پڙهي | (الف) ڪٻٽ ۾ ڪتاب ترتيب سان رکو | (ب) ڇڏيو ته مان اسڪول وڃان |
| **(ج) احمد** | (د) ٿو | (ج) هوشيار ٻار جلدي سبق ياد ڪري وٺندا آهن | **(د) هي منهنجو ڪتاب آهي** |
| **17. درست ترتيب سان لکيل جملو آهي:** | | **18. آئون ڪتاب پڙهان ٿو.** | |
| **(الف) وڏن جو چيو مڃڻ گهرجي** | (ب) مڃڻ گهرجي چيو وڏن جو | (الف) زمان ماضي | **(ب) زمان حال** |
| (ج) گهرجي جو وڏن چيو مڃڻ | (د) چيو گهرجي جو وڏن مڃڻ | (ج) زمان مستقبل | (د) زمان ماضي متشڪي |
| **19. لفظ ‘هاري’ جو مؤنث آهي:** | | **20. اهڙا لفظ جيڪي اسم جي بدران ڪم اچن، تن کي ڇئبو آهي:** | |
| (الف) ڌوٻياڻي | (ب) موچياڻي | (الف) اسم | (ب) فعل |
| **(ج) هارياڻي** | (د) ٻورچاڻي | (ج) صفت | **(د) ضمير** |

| | | |
|---|---|---|
| **حصو (ب)** | **مختصر سوال** (CRQs) | **مارڪون** 45 |

**نوٽ: هيٺين مان ڪن ٻه نَون سوالن جا جواب لکو. هر هڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن.**

1. حضرت محمد رسول الله خاتم النّبيين صلّي الله عَلَيّهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصّحابِهِ وَسَلّم جن جي پيدا ٿيڻ کان اڳ دنيا جي ڪهڙي حالت هئي ؟
2. صوفي شاهه عنايتؒ هارين جي حقن لاءِ ڪهڙو پيغام ڏنو؟
3. موهن جي دڙي جي کوٽائي مان ڪهڙيون شيون مليون آهن ؟ ڪن ٻه پنجن جا نالا لکو.
4. حضور اڪرم صلّي الله عَلَيّهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَاَصّحابِهِ وَسَلّم جن پورهيت بابت ڇا فرمايو آهي ؟
5. محمد عثمان ڏيپلائي ڇا جي ڪري مشهور هو؟ سندس مشهور ڪتابن جا نالا ٻڌايو؟
6. اي ميل ڇا آهي ؟
7. سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو ڪڏهن جوڙيو ويو ۽ ڇو؟
8. سائيءَ جي بيماري جا ڪارڻ ڪهڙا آهن ؟
9. بابا فريد کي گنج شڪر ڇو ٿو سڏيو وڃي ؟
10. شهري رضاڪار ڪنهن کي ڇئبو آهي ؟
11. وڌندڙ آباديءَ جي ڪري ملڪ تي ڪهڙو اثر پوي ٿو؟
12. سوناري ۽ لوهار جي ڌنڌي ۾ ڪهڙو فرق آهي ؟

| | | |
|---|---|---|
| حصو (ج) | **تفصيلي سوال** (ERQs) | **مارڪون** 35 |

1. **هيٺين مان ڪنهن ٻه هڪ تي مضمون لکو.** 15

(الف) استاد (ب) وطن جي حُب (ج) برسات جي مند

1. پنهنجي ڀاءُ جي شاديءَ جي موقعي تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر کي ٽن ڏينهن لاءِ موڪل جي درخواست لکو. يا 10

پنهنجي دوست کي اي ميل جي ذريعي ميلو گهمڻ جو احوال لکو.

2. **هيٺ ڏنل ڪنهن ٻه هڪ شعر جي سمجهاڻي لکو.** 10

I. مٺڙا وطن تنهنجي مٿان، سِر ساهه سڀ گهوري ڇڏيان.
تنهنجو نہ مَٽ ڪو ديس ٻيو، محبوب موچارا وطن.

II. ڪدورت ۽ ڪيني کي دل مان ڪڍي،
فقط ديس جو ڌيان ڌاري هلو.

**Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro**

**Model Paper 2023-2024**

**Time: ……… Minutes** **Grade: VI** **Subject: Sindhi Language** **Total Marks (100)**

Name of Student: ______________________ S/D/O: ______________________ Gender (Boy/Girl):_____

Medium: ______________ School Name: ______________________________________

Taluka: ______________ City/ Village ______________ Signature of Invigilator: ______________

| | | |
|---|---|---|
| **حصو (الف)** | **معروضي سوال (MCQs)** | **مارڪون 20** |

**هدايت: هيٺ ڏنل عبارت کي غور سان پڙهڻ کان پوءِ ڏنل سوالن جي درست جوابن اڳيان (✓) جو نشان لڳايو.**

قدرت پاڪستان کي نہ رڳو زرعي پيداوار سان مالا مال ڪيو آهي، پر معدني پيداوار سان بہ نوازيو آهي. هتي جا ماڻهو هٿ جي هنر ۾ بہ مُلڪان مُلڪ مشهور آهن. اسين هٿ هلائي ڪا شيءِ ناهيون تہ ان کي "هٿ جو هُنر" چيو وڃي ٿو. ماضيءَ جي تاريخ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ هن ملڪ جي هر صوبي ۾ ڪي نہ ڪي پراڻي تهذيب جا آثار آهن. انهن آثارن مان جيڪي شيون حاصل ٿيون آهن، تن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هن ملڪ جا ماڻهو قديم زماني کان هٿ جي هُنر ۾ ماهر هئا. پاڪستان قائم ٿيڻ کانپوءِ حڪومت هٿ جي هُنر کي نئين سِر ترقي وٺرائي آهي. گهرو هُنر جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هڪ سرڪاري ادارو "سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن" نالي قائم ڪيو ويو آهي. جنهنڪري ملڪ جي هُنر کي وڏي هٿي ملي آهي. ان کانسواءِ ڪيترائي نوان هنر پڻ متعارف ڪرايا ويا آهن. جن ۾ اخروٽ ۽ شيشم جي ڪاٺ تي اُڪر جو ڪم، سوسيون، لونگيون، کيس، کٿا ۽ شالون، رليون، پرت پريل ٽوپيون، جُتيون ۽ ٻيو اهڙو نفيس ۽ سهڻو ڪم سامهون اچي ٿو. سنڌ جو بهترين هُنر جنديءَ جو ڪم آهي. هٿ جي آڏاڻن تي بہ اسان وٽ گهڻو ڪم ٿئي ٿو جيڪو نهايت شاندار ۽ جٽادار هوندو آهي. ٺٽي جون لونگيون تہ قديم زماني کان مشهور آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| **01. هيءَ عبارت آهي:** | | **02. عبارت مطابق هٿ سان ٺهيل ڪم سڏرائيندو آهي:** | |
| (الف) آکاڻي | (ب) واقعو | **(الف) هٿرادو هنر** | (ب) معدني پيداوار |
| (ج) آتم ڪهاڻي | **(د) مضمون** | (ج) زرعي پيداوار | (د) سُئي جو ڪم |
| **03. هن تحرير مان سبق ملي ٿو:** | | **04. آڏاڻي تي ڪم ڪيو ويندو آهي:** | |
| (الف) واپار جو | **(ب) هنر مندي جو** | (الف) قديم ڪم | (ب) جنديءَ جو ڪم |
| (ج) مشين جي ڪم جو | (د) قديم آثارن جو | **(ج) هَٿ سان ڪپڙو اُڻڻ** | (د) ڪاشيءَ جو ڪم |
| **05. هن عبارت مطابق هٿ جي هنر مان فائدو پهچندو:** | | **06. ڪاشيءَ ۽ جنديءَ جي ڪم ۾ فرق اهو آهي تہ ڪاشيءَ جو ڪم هوندو آهي:** | |
| (الف) پراڻي تهذيب کي | (ب) ملڪ ۽ قوم کي | (الف) ڪاٺ تي | (ب) ڪپڙي تي |
| (ج) سمال انڊسٽريز کي | **(د) ملڪ جي پيداوار کي** | **(ج) مٽي تي** | (د) اُٺ جي کَلَ تي |
| **07. آڏاڻي سان تيار ٿيندا آهن:** | | **08. هن عبارت مطابق متعارف ڪيو ويو آهي:** | |
| (الف) ٿانوَ | **(ب) ڪپڙا** | (الف) جنديءَ جي ڪم کي | (ب) نَوَن هنرن کي |
| (ج) پرت جا نمونا | (د) رانديڪا | **(ج) هٿ جي هنر کي** | (د) مقامي هنر کي |
| **09. شيشم آهي هڪ:** | | **10. عام طور تي ڇوڪريون ڪم ڪنديون آهن:** | |
| (الف) شيشو | (ب) ڏامر | **(الف) پرت جو** | (ب) کَيس جو |
| **(ج) ڪاٺ جو هڪ قسم** | (د) ڌاتو | (ج) ڪاشيءَ جو | (د) مٽيءَ جو |
| **11. هن عبارت جو حاصل مطلب آهي:** | | **12. ڏنل عبارت جو موضوع آهي:** | |
| **(الف) هنرمندي کي هٿي وَنرائڻ** | (ب) ڪاشيءَ کي هَٿي ونرائڻ | (الف) مزاحيه | (ب) سائنسي |
| (ج) چيني جي ٿانوَن کي هَٿي ونرائڻ | (د) جنديءَ جي ڪم کي هٿي وَنرائڻ | **(ج) معلوماتي** | (د) سياسي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| **13. هُنر متعلق ڪيترين ئي چوڻين مشهور آهن جنهن مان هڪ هيءَ آهي تہ:** | | **14. مصنف جو هن عبارت مان مقصد آهي تہ هُنر وارا ماڻهو ملڪ کي فائدو ڏين ٿا جنهن سان ٿئي ٿي:** | |
| (الف) هُنر هڪ مُورت آهي | **(ب) هُنر هڪ دولت آهي** | **(الف) ملڪ جي خوشحالي** | (ب) گهر جي خوشحالي |
| (ج) هُنر هڪ صُورت آهي | (د) هُنر هڪ عادت آهي | (ج) پاڙي ۾ خوشحالي | (د) شهر ۾ خوشحالي |
| **15. ڪهڙو جملو درست ترتيب ۾ لکيل آهي؟** | | **16. لغت جي ترتيب موجب ڪهڙو لفظ آخر ۾ لکبو؟** | |
| (الف) ٽيو پاس نهراءُ | **(ب) اچو تہ پڙهڻ هلون** | (الف) ترقي | (ب) تهذيب |
| (ج) مهرباني جي توهان | (د) خط لکيو مون | **(ج) نهراءُ** | (د) آباد |
| **17. ڪهڙي جملي ۾ ضمير خالص استعمال ٿيل آهي؟** | | **18. ڏنل لفظ جي پڇاڙي ۾ مند لڳائي نئون لفظ ٺهندو:** | |
| (الف) ٻال سان ڪيڏ | (ب) ٻار اسڪول ويا | **(الف) هُنر** | (ب) درس |
| (ج) ڊاڪٽر اسپتال ويو | **(د) آءُ خط لکان ٿو** | (ج) عدد | (د) شُمار |
| **19. لفظ 'مُحبت' جو ضد آهي:** | | **20. ڏنل جملي ۾ اسم جي 'حالت جري' استعمال ٿيل آهي:** | |
| (الف) عظمت | **(ب) نفرت** | (الف) ٻار ڊوڙي ٿو | (ب) ٻار تيز ڊوڙين ٿا |
| (ج) رُغبت | (د) شفقت | **(ج) ٻارن کي ڊوڙاءِ** | (د) ٻار ڊوڙين پيا |

| | | |
|---|---|---|
| **حصو (ب)** | **مختصر سوال** (CRQs) | **مارڪون** 45 |

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن بہ نون سوالن جا جواب لکو. هر هڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن:

1. پورهيت لاءِ نبيءَ سڳوري حضرت محمّد رسول الله خاتم النّبيين صلّي الله عَلَيۡهِ وَعَلیٰ آلِهٖ وَاَصۡحابِهٖ وَسَلِّم جن ڇا فرمايو آهي؟
2. پاڪستان جي ماڻهن جي پوشاڪ ڪهڙي قسم جي آهي؟
3. ملاڪڙو ڇا کي چئبو آهي؟ ملھ ۽ ملاکڙي کي سنڌ ۾ ڪهڙي اهميت حاصل آهي؟
4. زراعت ڇا کي چئجي ٿو؟ زرعي ڪم ڪار ۾ استعمال ٿيندڙ پنجن مشينن جا نالا لکو.
5. پنيور شهر ڪٿي واقع آهي ۽ ڇاجي ڪري مشهور آهي؟
6. گرمي پد کي ڪهڙي شيءِ وڌائي ٿي؟
7. سورھ بادشاھ جي قربانيءَ ۾ اسان لاءِ ڪهڙو سبق سمايل آهي؟
8. وتايو فقير سنڌ ۾ ڇا جي ڪري مشهور آهي ۽ هن جو مقبرو ڪٿي آهي؟
9. پهرين اسلامي سربراھ ڪانفرنس ڪهڙي ملڪ ۾ ٿي؟
10. ايچ ايم کوجا کي تعليمي خدمتن جي مڃتا طور ڪهڙا تمغا مليا؟
11. تندرستيءَ لاءِ ڪهڙيون چوڻيون مشهور آهن؟
12. هارويسٽر مشين ڪٽائيءَ کان سواءِ ٻيو ڇا ڇا ڪندي آهي؟

| | | |
|---|---|---|
| حصو (ج) | **تفصيلي سوال** (ERQs) | **مارڪون** 35 |

1. **هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ تي مضمون لکو.** 15

(الف) منهنجي پسنديده راند (ب) سوشل ميڊيا (ج) مِينهن (برسات)

2. پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماسٽر کي ٽن ڏينهن جي موڪل جي درخواست لکو. 10

يا

پنهنجي دوست کي خط لکي ڪتابي ميلي جو احوال لکو.

3. هيٺ ڏنل ڪنهن بہ هڪ شعر جي سمجهاڻي لکو. 10

I. متان ڪنوڻ ڪو ڪرو جلائي!
متان ڪڪر ڪو ڳڙو وسائي،
هتان جي هر شيءِ حسين آهي.

II. پنهنجن سان پيچ پايون، پنهنجو وطن وَسايون،
پنهنجو وطن وسايون، دل ديس سان لَڳايون.

**Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro**

**Model Paper 2023-2024**

**Time: ......... Minutes** **Grade: VII** **Subject: Sindhi Language** **Total Marks (100)**

| | | |
|---|---|---|
| Name of Student: ______________________ | S/D/O: ______________________ | Gender (Boy/Girl):_____ |
| Medium: ______________ | School Name: ______________________________________ | |
| Taluka: ______________ | City/ Village ______________ | Signature of Invigilator: ______________ |

| | | |
|---|---|---|
| **حصو (الف)** | **معروضي سوال (MCQs)** | **مارڪون 20** |

**هدايت: هيٺ ڏنل عبارت کي غور سان پڙهڻ کان پوءِ ڏنل سوالن جي درست جوابن اڳيان (✓) جو نشان لڳايو.**

پاڪستان ۾ چؤماسي جون هوائون گرمين جي موسم ۾ شروع ٿينديون آهن. اهي هوائون هندي سمنڊ کان اٿنديون آهن. برسات جا بادل اتر کان ٿيندا هندستان جي ميداني علائقن تائين پکڙجي ويندا آهن ۽ پاڪستان تائين ايندي ايندي برسات گهٽ ٿي ويندي آهي. گرمين ۾ ساوڻيءَ جا مينهن جولاءِ کان سيپٽمبر تائين ٿيندا آهن. ڊسمبر ۽ مارچ دوران هوائون وري اولهه کان اينديون آهن. سڄي سال دوران ڪڏهن ڪڏهن تيز هوائون لڳنديون آهن جن سان گڏ ڪِنوڻ ۽ ڪارا ڪڪر به نمودار ٿيندا آهن ۽ برسات پوڻ شروع ٿي ويندي آهي. ڪيترن ئي هنڌَن تي زمين سخت هجڻ ڪري، برسات جو پاڻي زمين اندر نه ويندو آهي، پر زمين جي مٿان ئي رهندو آهي، جنهن سان ننڍا چشما ۽ وڏيون نديون بڻجي وينديون آهن. جتي وڏيون وڏيون نديون آهن، اتي ڪئنال ۽ واهه ناهيا ويندا آهن ڪئنال ملڪ جي خشڪ علائقن تائين پاڻي پهچائيندا آهن. قدرتي طور تي پاڻي هيٺاهين ڏانهن وهندي آخر ڪار سمنڊ ۾ اچي ڇوڙ ڪندو آهي. برسات سڄو سال نه وسندي آهي پر ڪڏهن گهٽ، نه ڪڏهن وڌ وسندي آهي. اسان جي ملڪ ۾ دنيا جو بهترين آبپاشي نظام موجود آهي. برسات جي کوٽ سبب خشڪ سالي ٿيندي آهي، جيڪا غذائي کوٽ جو سبب بڻجندي آهي. ڪڏهن نه وري برسات وسڻ جي ڪري باغن ۾ بهار اچي ويندي آهي، جنهن ۾ پکي خوشيءَ منجهان لاتيون لنوندا آهن. ٻوٽا گُلن سان پرجي ويندا آهن هر طرف سرسبز وڻ ۽ ساوا ساوا گاهه نظر ايندا آهن، جڻ ڌرتيءَ سائو ويس پهريو آهي مطلب نه زندگي خوشيءَ سان جهومڻ لڳندي آهي.

**01. ڏنل عبارت جو مناسب عنوان ٿيندو:**
- (الف) پاڻي
- (ب) هوا
- (ج) ڪڪر
- **(د) برسات**

**02. هن تحرير ۾ ٻڌايا ويا آهن:**
- **(الف) برسات جا فائدا**
- (ب) زراعت جا فائدا
- (ج) وڻن جا فائدا
- (د) غذا جا فائدا

**03. گرمين ۾ برسات وسڻ جا مهينا آهن:**
- (الف) جون، جولاءِ آڪٽومبر
- **(ب) جولاءِ آگسٽ ۽ سيپٽمبر**
- (ج) آگسٽ، سيپٽمبر ۽
- (د) سيپٽمبر، آڪٽومبر ۽ نومبر

**04. عبارت موجب زندگي خوشيءَ سان جهومڻ لڳندي آهي:**
- (الف) پاڻيءَ جي ڪري
- (ب) هوا جي ڪري
- **(ج) برسات جي ڪري**
- (د) غذا جي ڪري

**05. برسات جي موسم ۾ پکي لاتيون لنوندا آهن، لاتيون مان مراد آهي:**
- (الف) رڙيون ڪرڻ
- (ب) ڪچهري ڪرڻ
- (ج) گوڙ ڪرڻ
- **(د) ٻوليون ٻولڻ**

**06. عبارت ۾ آبپاشيءَ جي نظام جو ذڪر ٿيل آهي 'لفظ آبپاشيءَ جي معنىٰ آهي:**
- **(الف) پاڻيءَ جي پکيڙ**
- (ب) پاڻيءَ جو گڏ ٿيڻ
- (ج) پاڻيءَ جو استعمال
- (د) پاڻيءَ جي کوٽ

**07. برسات جو پاڻي نيٺ اچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. ٻڌايو ته پاڪستان جي ڏکڻ ۾ ڪهڙو سمنڊ آهي:**
- (الف) ڳاڙهو سمنڊ
- **(ب) عربي سمنڊ**
- (ج) ڪارو سمنڊ
- (د) هندي سمنڊ

**08. مصنف جو هن تحرير جي بيان ڪرڻ جو انداز آهي:**
- (الف) ڊرامائي
- (ب) افسانوي
- **(ج) معلوماتي**
- (د) مڪالماتي

**09. عبارت ۾ آهي ته 'برسات سبب ڌرتي جڻ سائو ويس پهريو آهي' هن جملي ۾ ڌرتيءَ جي سائي ٿيڻ جي ڳالهه ڪيل آهي، گرامر موجب 'سائو ٿيڻ' آهي:**
- (الف) پهاڪو
- (ب) قول
- (ج) چوڻي
- **(د) اصطلاح**

**10. هيٺ ڏنل لفظن مان ڪهڙي لفظ ۾ پڇاڙي لڳائي نئون لفظ ناهيو ويو آهي:**
- **(الف) آخرڪار**
- (ب) بي فائدو
- (ج) اڻ واقف
- (د) لاتعداد

**11. تجنيس حرفي وارا لفظ آهن:**
- (الف) گهر گهر
- **(ب) در دري**
- (ج) گهر تالو
- (د) تالو چابي

**12. قافيو ڪي ٻيو ڇئبو آهي:**
- (الف) هم معنىٰ
- (ب) هم عدد
- **(ج) هم آواز**
- (د) جنس

| | |
|---|---|
| 14. **برسات جي کوٽ سبب خشڪ سالي ٿيندي هن سٽ ۾ لفظ 'خُشڪ سالي' جو مطلب آهي:** | 13. **لفظ 'نمودار' جي معنىٰ ٿيندي:** |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (ب) ذُڪار | (الف) سُڪار | (ب) پري | (الف) لڪيل |
| (د) غير آباد | (ج) آباد | (د) ظاهر | (ج) ويجهو |
| | 16. **لغت جي لحاظ کان ڪهڙو شهر آخر ۾ لکبو؟** | | 15. **ڏنل لفظ ۾ 'بي' اڳياڙي لڳائي نئون لفظ نهندو:** |
| (ب) ڪنڌ ڪوٽ | (الف) ڪراچي | (ب) مثال | (الف) جمال |
| (د) ڪشمور | (ج) ڪوئٽه | (د) سوال | (ج) احوال |
| | 18. **عبارت موجب برسات شروع ٿي ويندي آهي؟ هن سِٽ موجب 'برسات' ڪي چئبو آهي:** | | 17. **گرامر جي لحاظ کان درست ترتيب ۾ لکيل جملو آهي:** |
| (ب) هوا | (الف) جُهڙ | (ب) تصوير سٺي آهي | (الف) تصوير سنو آهي |
| (د) مينهن | (ج) طوفان | (د) تصوير سٺي آهن | (ج) تصوير سنو آهن |
| | 20. **ڏنل نشانين مان حرف ندا جي نشاني آهي:** | | 19. **ڏنل جملي ۾ 'جاڳڻ راند ڪيڏي ٿو' فاعل آهي:** |
| (ب) ؟ | (الف) ، | (ب) جاڳڻ | (الف) راند |
| (د) " " | (ج) ! | (د) ڪيڏي | (ج) ٿو |

| | | |
|---|---|---|
| 45 **مارڪون** | (CRQs) **مختصر سوال** | حصو (ب) |

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن ٻه نون سوالن جا جواب ڏيو. هرهڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن.

1. پاڻ سڳورن صلّي اللہ عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصۡحابِهٖ وَسَلَّم جن ڪي علم جو دروازو ڪنهن کي سڏيو آهي؟
2. شهرن ۾ آلودگيءَ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟
3. سَهپ ۽ برد باري مان ڇا مراد آهي؟
4. اسان کي پنهنجي ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟
5. طبعي علم جو زندگيءَ سان ڪهڙو تعلق آهي؟
6. خوش اخلاقي ڇا کي ٿو چئجي؟
7. قدرتي آفتون ڪهڙيون آهن؟
8. ڪوٽڙي بئراج جي نڪرڻ سان ڪهڙو فائدو ٿيو؟
9. رائٽ برادرس کي جهاز ناهڻ جو خيال ڪيئن آيو؟
10. هوشوءَ ڪهڙو تاريخي نعرو هنيو؟
11. وطن جو شان ڪيئن وڌي سگهي ٿو؟
12. امام ڳڙهه وارو قلعو ڪٿي آهي؟

| | | |
|---|---|---|
| 35 **مارڪون** | (ERQs) **تفصيلي سوال** | حصو (ج) |

1. هيٺين مان ڪنهن ٻه هڪ تي مضمون لکو. 15

(الف) نظم ۽ ضبط (ب) همدردي (ج) منهنجو اسڪول

2. علائقي جي ڪائونسلر کي پنهنجي پاڙي ۾ رستن جي صفائيءَ ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪاليءَ لاءِ مناسب انتظام ڪرڻ لاءِ درخواست لکو. 10

يا

پنهنجي دوست کي موهن جي دڙي جي سير بابت احوال لکو.

3. هيٺ ڏنل ڪنهن ٻه هڪ شعر جي سمجهاڻي لکو. 10

I. سائينم! سائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

II. اوهان جو وطن زيبُ آهي اوهان لئہ
۽ ٻچجو اوهين پاڻ زينت وطن جي.

**Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro**

**Model Paper 2023-2024**

**Time: ......... Minutes** | **Grade: VIII** | **Subject: Sindhi Language** | **Total Marks (100)**

| | | |
|---|---|---|
| Name of Student: ______________________ | S/D/O: ______________________ | Gender (Boy/Girl):_____ |
| Medium: ______________ | School Name: ______________________________ | |
| Taluka: ______________ | City/ Village ______________ | Signature of Invigilator: ______________ |

| | | |
|---|---|---|
| **حصو (الف)** | **معروضي سوال (MCQs)** | **مارڪون** 20 |

**هدايت: هيٺ ڏنل عبارت کي غور سان پڙهڻ کانپو ڏنل سوالن جي درست جوابن اڳيان (✓) جو نشان لڳايو.**

هلڪي برسات جو سلسلو رات کان ئي شروع ٿيل هو، احمد پنهنجي دوستن سان گڏ موسم جي خوبصورتيءَ کان لطف اندوز ٿي رهيو هو ته اوچتوئي زاهد چيو احمد! توکي خبر آهي ته هتي تفريح لاءِ ڪهڙا سهڻا ماڳ آهن، نه مان نه ٿو ڄاڻان، احمد حيران ٿيندي چيو. جو ته مون کي هتي آئي ٿوروئي عرصو ٿيو آهي، تنهنڪري مان هتان جي تفريحي ماڳن کان بي خبر آهيان. مان ٿو توکي ٻڌايان! زاهد چيو. هتان کان ٻن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هڪ جبل جي دامن ۾ هڪ تفريح گاهه آهي جيڪو بادام، اخروٽ ۽ ٻين ميويدار وڻن ۽ رنگين گُلن سان گهيريل آهي، انهيءَ جڳهه کي قدرتي چشمي وڌيڪ خوبصورت بڻايو آهي.

ڏاڍو سنو زاهد، تو ته منهنجي دل هرڪائي ڇڏي آهي. منهنجي دل اُتي وڃڻ لاءِ بيتاب ٿي رهي آهي، ته پوءِ دير ڪهڙي هينئرئي هل ته هلون زاهد چيو. مان، بابا کان اجازت ته وٺان، توهان به پنهنجي گهر وڃي اجازت وٺو احمد چيو. واهه! ڪيڏو نه سهڻو نظارو آهي! چشمي مان وهندڙ ٿڌي مٺي پاڻيءَ کي وهندي ڏسي احمد چيو، الله تعاليٰ منهنجي وطن پاڪستان کي ڪيڏو نه سهڻو ۽ من موهيندڙ بڻايو آهي! ٽئي دوست هتي اچي ڏاڍو خوش ٿي رهيا هئا. ناصر چيو ته منهنجي دل ته هتي اچي باغ باغ ٿي وئي آهي.

اوچتو جُهڙ جو رنگ مٽجي ويو، اچي جُهڙ ڪارو ويس مٽيو ۽ تيز برسات وسڻ لڳي، برسات ايتري ته تيز ٿي وئي جو چوڌاري دونهون محسوس ٿيڻ لڳو، موسم جو اهڙو مزاج ڏسي، ٽئي دوست گهٻرائجي ويا ۽ دل ئي دل ۾ دعا گهرڻ لڳا ته برسات بند ٿئي ته هو خيريت سان گهر پهچن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| **01. هن عبارت جو مناسب عنوان ٿيندو:** | | **02. عبارت ۾ ڪهڙي علائقي جو ذڪر آهي؟** | |
| (الف) گُلن جي وادي | (ب) برسات جي آمد | **(الف) جابلو** | (ب) سامونڊي |
| (ج) گُل ۽ جبل | **(د) يادگار سفر** | (ج) ريگستاني | (د) ميداني |
| **03. هن عبارت لکڻ جو خاص مقصد آهي:** | | **04. ’اچي جُهڙ ڪارو ويس مٽيو‘ جي معنيٰ ٿيندي:** | |
| (الف) معلومات ۾ اضافو ڪجي | **(ب) تفريح تي وڃڻ گهرجي** | (الف) صبح ٿي | (ب) شام ٿي |
| (ج) برسات ۾ نڪرجي | (د) خُشڪ ميوا ڪائجن | **(ج) ڪارا ڪڪر آيا** | (د) اُس نڪتي |
| **05. عبارت ۾ آهي ته ٽئي دوست گهٻرائجي ويا. لفظ ’گهٻرائڻ‘ مان مراد آهي:** | | **06. منهنجي دل گهمڻ لاءِ بيتاب آهي. هن جملي ۾ ’بيتاب‘ لفظ جي معنيٰ ٿيندي:** | |
| (الف) رستو ڀُلجي ويا | (ب) برسات ۾ پُسي ويا | **(الف) بيقرار** | (ب) وڃڻ |
| (ج) واپس هليا آيا | **(د) پريشان ٿي ويا** | (ج) تيار | (د) خوش |
| **07. پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ برسات پوي ٿي:** | | **08. هيءَ عبارت آهي:** | |
| (الف) ٿر ۾ | **(ب) اتر وارن جابلو علائقن ۾** | (الف) سائنسي | (ب)جاسوسي |
| (ج) ڪوهستان | (د) چولستان ۾ | **(ج) تفريحي** | (د) تاريخي |
| **09. لفظ ’اچو‘ صفت آهي، جنهن جو اسم ٿيندو:** | | **10. هيٺ ڏنل لفظن مان ڪهڙي لفظ ۾ اڳياڙي استعمال ٿيل آهي؟** | |
| (الف) ساواڻ | (ب) ڳاڙهاڻ | **(الف) غير حاضر** | (ب) سوڪڙي |
| (ج) ڪاراڻ | **(د) اڇاڻ** | (ج) مزاج | (د) خوش ٿيا |
| **11. ڏنل عبارت ۾ ڪيترن ميون جو ذڪر ٿيل آهي؟** | | **12. لغت جي لحاظ کان لفظ ’خوبصورتي‘ آهي:** | |
| (الف) ٽن | **(ب) ٻن** | (الف) ظرف | (ب) صفت |
| (ج) چئن | (د) پنجن | **(ج) اسم** | (د) فعل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| **13. ’دل باغ باغ ٿيڻ‘ گرامر جي لحاظ کان آهي:** | | **14. لغت جي لحاظ کان هيٺ ڏنل ميون جو گروپ درست ترتيب سان لکيل آهي:** | |
| (الف) پهاڪو | (ب) چوڻي | (الف) اخروٽ، ڪاجو، بادام | (ب) بادام، اخروٽ ڪاجو |
| (ج) اصطلاح | (د) محاورو | **(ج) اخروٽ، بادام، ڪاجو** | (د) ڪاجو، بادام، اخروٽ |
| **15. هيٺ ڏنل لفظن جو ڪهڙو جوڙو معنيٰ جي لحاظ کان هڪٻئي جو ضد آهي؟** | | **16. واھ! ڪيڏو نہ سهڻو نظارو آهي! ڏنل جملو گرامر جي لحاظ کان آهي:** | |
| (الف) چڱو ڀلو | **(ب) اگهہ سگهہ** | (الف) حرف جر | (ب) حروف جملو |
| (ج) تيز تکو | (د) سلام دُعا | **(ج) حرف ندا** | (د) صفت |
| **17. ڏنل بيهڪ نشانين مان ’دم‘ جي نشاني آهي:** | | **18. ظرف زمان جو مثال آهي:** | |
| (الف) ؟ | (ب) ، | **(الف) اڄ ڪالهہ** | (ب) ٿورو گهڻو |
| (ج) ! | **(د) :** | (ج) هيٺ مٿي | (د) چڱو ڀلو |
| **19. ڏنل جملي ۾ اسم جي ’حالت جري‘ استعمال ٿيل آهن:** | | **20. لفظ ترقي جو ضِد آهي:** | |
| (الف) گهوڙو ڊوڙي ٿو | **(ب) گهوڙي کي ڊوڙاءِ** | (الف) سڪار | (ب) ڏڪار |
| (ج) گهوڙو گاهہ کائي ٿو | (د) گهوڙو تيز ڊوڙي ٿو | **(ج) تنزل** | (د) منزل |

| | | |
|---|---|---|
| حصو (ب) | **مختصر سوال** (CRQs) | **مارڪون** 45 |

**نوٽ: هيٺين مان ڪن بہ نوَن سوالن جا جواب ڏيو. هرهڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن.**

1. انسانيت جو سڀ کان اهم گُڻ ڪهڙو آهي؟
2. بيبي زينب؄ کي ’عقيلہ‘ چو سڏيو ويندو هو؟
3. قائداعظم؈ پاڪستاني قوم کي ڪهڙا ٽي مکيہ اصول ٻڌايا آهن؟
4. عبدالستار اِيڌي پنهنجي زندگي ڪهڙن ڪمن لاءِ ارپي ڇڏي؟
5. پاڪستان ۾ بجلي ڪهڙن ذريعن مان حاصل ڪئي وڃي ٿي؟
6. سنڌ ۾ سير تفريح جون ڪهڙيون ڪهڙيون جايون آهن؟
7. مثالي شاگرد ۾ ڪهڙيون خوبيون هجڻ گهرجن؟
8. خوردبيني ڪنهن ايجاد ڪئي ۽ ڪهڙي ڪم اچي ٿي؟
9. پاڪستان ۾ ڪهڙا مشهور هوائي اڏا آهن؟
10. مڪليءَ جي قبرستان ۾ سنڌ جا ڪهڙا عالم ۽ اديب دفن ٿيل آهن؟
11. راندين مان ڪهڙا فائدا ٿين ٿا؟
12. سمن جي دور ۾ ڪهڙا شاعر ۽ بزرگ پيدا ٿيا؟

| | | |
|---|---|---|
| حصو (ج) | **تفصيلي سوال** (ERQs) | **مارڪون** 35 |

1. **هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ تي مضمون لکو.** 15

(الف) سکر بئراج (ب) مينهوڳيءَ جي منڊ (ج) مهمان نوازي

**1.** پنهنجي يونين ڪائونسل جي چيئرمين کي رهائشي سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ لاءِ درخواست لکو.

يا

پنهنجي دوست ڏانهن خط لکي ڪيس مثالي شاگرد جي خوبين بابت احوال ڏيو. 10

**2.** هيٺ ڏنل بيتن مان ڪو بہ هڪ بيت مڪمل ڪريو ۽ سمجهاڻي لکو. 10

I. وحده لا شريڪَ لہ، ..........................،
..........................، جي گهٽ اندر گهوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙها، ..........................

II. هن ملڪ ۾ رهڻ ٿا، راهِ ثواب سمجهون،
..........................، ٿا لاجواب سمجهون،
هر خار ٿا وطن جو، ..........................
..........................، ڪار ثواب سمجهون،
بلبل کي گل پيارو، گل کي چمن پيارو،
آهي مگر اسان کي، ..........................!